# حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جون قُربانيون

(۽ قُرباني جا فضائل)



هفتہ وار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سنتن ڀريو بيان

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

# حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام جون قربانيون

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا رَسُوۡلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا حَبِيۡبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا نُوۡرَ الله

نَوَيۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺندا ڪريو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرودِ پاڪ جي فضيلت

فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: جنهن کي اهو پسند هجي تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ پيش ٿيڻ وقت الله عَزَّوَجَلَّ ان کان راضي هجي، ان کي گهرجي تہ مون تي ڪثرت سان دُرود شريف پڙهي.

(فِردوسُ الاخباربماثور الخطاب،ج٢ص٢٨٤، حديث٦٠٨٣)

بیٹھتے، اُٹھتے، جاگتے، سوتے

ہو اِلٰہی مرا شِعار دُرُود

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون ٿا.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“ يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي.[1]

**ٻ مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.
(2) جيتريون سٺيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي (يعني دلداري) جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلٰي مُحَمَّد

---

1 (المعجم الكبير للطبراني، ج 6، ص 185، الحديث: 5942)



www.dawateislami.net

## بيان ڪرڻ جون نيّتون

آئون بہ نيت ڪريان ٿو ❁ الله جي رضا حاصل ڪرڻ ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ بيان ڪندس ❁ ڏسي بيان ڪندس ❁ سيپاري 14 سورة النحل آيت نمبر 125: اُدْعُ اِلٰى سَبِيْلِ رَبِّكَ بِالْحِكْمَةِ وَ الْمَوْعِظَةِ الْحَسَنَةِ ”ترجمو ڪنزالايمان: پنهنجي ربّ جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجھ ۽ چڱي نصيحت سان“ ۽ بخاري شريف (حديث: 4361) جي هن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: بَلِّغُوْا عَنِّيْ وَلَوْ آيَةً يعني ”منهنجي طرفان پهچايو جيتوڻيڪ هڪ ئي آيت هجي“ ۾ ڏنل احڪام جي پيروي ڪندس ❁ نيڪي جو حڪم ڏيندس ۽ بُرائي کان منع ڪندس ❁ شعر پڙهڻ، عربي، انگريزي ۽ ڏکيا لفظ ڳالهائڻ دوران دل جي اخلاص تي توجُّھ رکندس يعني پنهنجي علميت جو ڌاڪو ويهارڻ مقصود ٿيو تہ ڳالهائڻ کان بچندس ❁ مدني قافلي، مدني انعامات ۽ علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت وغيره جي رغبت ڏياريندس ❁ ٿهڪ ڏيڻ ۽ ڏيارڻ کان بچندس ❁ نظر جي حفاظت ٻڌائڻ جي خاطر حتي الامڪان نگاهون جهڪائي رکندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## خواب سچو ڪري ڏيکاريو!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ذُوالْحِجَّةُالْحَرام جو مهينو پنهنجي خوشبو، بهارون ۽ برڪتون لُٽائي رهيو آهي. هي اهو مبارڪ مهينو آهي جنهن ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي پياري نبي، حضرت سَيِّدُنا ابراهيم خليلُ الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام پنهنجي صاحبزادي حضرت سَيِّدُنا اسماعيل ذبيحُ الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام



www.dawateislami.net

سان گڏ ملي صبر ۽ رِضا جو اهڙو منظر پيش فرمايو، جنهن جو مثال نہ ٿو ملي. پاڻ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام انين ذوالحج جي رات هڪ خواب ڏٺو جنهن ۾ ڪو چوڻ وارو چئي رهيو هو: "بيشڪ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ توکي پنهنجو پٽ ذَبَح ڪرڻ جو حڪم ڏئي ٿو". پاڻ صبح کان شام تائين انهيءَ باري ۾ غور فرمائيندا رهيا تہ هي خواب اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي طرفان آهي يا شيطان جي طرفان؟ اٺ ذوالحج جو نالو يَوْمُ التَّرْوِيَه (يعني سوچ ويچار جو ڏينهن) انهيءَ ڪري رکيو ويو. نائين رات وري ساڳيو خواب ڏٺائون ۽ صبح يقين ڪري ورتائون تہ هي حڪم اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي طرفان آهي. ان ڪري 9 ذوالحج کي يَوْمِ عَرَفَه (يعني سڃاڻپ وارو ڏينهن) چيو ويندو آهي. ڏهين رات وري اهوئي خواب ڏسڻ کان بعد پاڻ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام صبح جو هن خواب تي عمل ڪرڻ يعني پٽ جي قرباني جو پڪو ارادو ڪري ورتو، انهيءَ ڪري 10 ذوالحج کي يَوْمُ النَّحْر (يعني ذبح جو ڏينهن) چيو ويندو آهي. (تفسير ڪبير ج 9، ص 346) اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي حڪم تي عمل ڪندي پُٽ جي قرباني جي لاءِ حضرت اِبراهيم عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جڏهن پنهنجي پياري پُٽ حضرت اسماعيل عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي جنهن جي عمر ان وقت 7 سال (يا 13 سال يا هن کان ڪجهہ وڌيڪ) هئي گڏ وٺي هليا. (پُٽ هجي تہ اهڙو) پوءِ جيئن حضرت اسماعيل عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام فرمايو هو انهن کي اهڙي ئي طرح ٻَڌي ڇڏيو، پنهنجي ڇُري تيز ڪئي، حضرت اسماعيل عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي پيشاني پر ليٽايو، انهن جي چهري تان نظر هٽائي ۽ انهن جي ڳلي تي ڇُري وهائي ڇڏي پر ڇُري پنهنجو ڪم نہ ڪيو يعني ڳلو نہ ڪٽيو. انهيءَ وقت حضرت اِبراهيم عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام تي وَحي نازِل ٿي. جيئن تہ سيپاري 23 سُوْرَةُ الصّٰٓفّٰت آيت نمبر 104 کان 107 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:



www.dawateislami.net

وَ نَادَيۡنٰهُ اَنۡ يّٰۤاِبۡرٰهِيۡمُ ﴿۱۰۴﴾ قَدۡ صَدَّقۡتَ الرُّءۡيَا ۚ اِنَّا كَذٰلِكَ نَجۡزِى الۡمُحۡسِنِيۡنَ ﴿۱۰۵﴾ اِنَّ هٰذَا لَهُوَ الۡبَلٰٓؤُا الۡمُبِيۡنُ ﴿۱۰۶﴾ وَ فَدَيۡنٰهُ بِذِبۡحٍ عَظِيۡمٍ ﴿۱۰۷﴾

**ترجمو كنزالايمان:** ۽ پيءُ پٽ كي پيشاني پر ليٽايو. (ان وقت جو حال نہ پڇ) ۽ اسان ان كي سڏڻ فرمايو اي ابراهيم بي شڪ تو خواب سچو ڪري ڏيکاريو اسان ايئن انعام ڏيندا آهيون چڱن كي. بيشڪ اهو روشن امتحان هو. ۽ اسان هڪ وڏو ذبيحو ان جي فديي ۾ ڏيئي ان كي بچائي ورتو.

(تفسير خازن ج ۴ ص ۲۲ملخّصاً)

## حضرت سَيّدُنا ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام جو تعارف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ان واقعي مان جتي حضرت سَيّدُنا اسماعيل عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي اعلٰي صَبَر ۽ رِضا جو مقام ثابت ٿئي ٿو، اُتي حضرت سَيّدُنا ابراهيم خليل الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جو پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ جو حد درجي جو مطيع ۽ فرمانبردار هئڻ بہ ظاهر ٿئي ٿو.

## ڇا هر ڪو خواب ڏسي پنهنجو پُٽ ذبح ڪري سگهي ٿو؟

ياد رهي! ڪو بہ شخص خواب يا غيبي آواز ٻڌي ڪري پنهنجي يا ٻئي ڪنهن جي ٻار يا ڪنهن انسان كي ذبح نٿو ڪري سگهي، ڪندو تہ سخت گنهگار ۽ جهنّم جي عذاب جو حقدار ٿيندو. حضرت اِبراهيم عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام خواب ڏسي پنهنجي پُٽ كي قربان ڪرڻ جي لاءِ تيار ٿي ويا اهو حق آهي ڇو تہ پاڻ نبي هئا ۽ نبي جو خواب وَحۡيِ الٰهي هوندو آهي. انهن هستين جو امتحان هو، حضرت جبرائيل عَلَيۡهِ السَّلَام جَنّتي دنبو ڪٺي آيا ۽ الله تعالٰي جي حڪم سان حضرت اِبراهيم عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام پنهنجي پياري پُٽ جي جڳهہ تي



www.dawateislami.net

ان جنّتي دُنّبي کي ذبح فرمائي ڇڏيو. (پُٽ هجي تہ اهڙو)

پاڻ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جو نالو ”**ابراهيم**“ آهي. ابراهيم سُرياني زبان جو لفظ آهي. ان جي معنٰي آهي اَبٌ رَحِيۡمٌ (يعني مهربان پيءُ) ڇو جو پاڻ ٻارن تي وڏا مهربان هئا. گڏوگڏ مهمان نوازي ۽ رَحم و ڪرم ۾ پاڻ مشهور آهن. تنهن جي ڪري سندن کي ”**ابراهيم**“ چيو ويندو آهي. ڪجھ ماڻهن چيو آهي تہ **ابراهيم** اصل ۾ **ابرم** هو. جنهن جي معنٰي آهي **بزرگ**. ڇو جو پاڻ ڪيترن ئي انبياءِ ڪرام (عَلَيۡهِمُ الصَّلٰوةُوَالسَّلَام) جا والد آهن، تنهنڪري سندن جو نامِ نامي ابراهيم آهي. (تفسيرِ نعيمي ۱/۶۱۸، ملتقطاً) پاڻ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُوَالسَّلَام جي ڪُنّيت اَبُوالضِّيۡفَان (وڏو مهمان نواز) آهي. ڇو جو سندن جو گھر رستي جي ڪناري تي هو جيڪو بہ اُتان کان گذرندو هو توهان انهن جي مهمان نوازي ڪندا هئا. (تفسيرِ خازن،تحت قوله و من احسن دينامن اسلم،۱/۴۳۴) پاڻ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُوَالسَّلَام جي ولادت ”**اهواز**“ جي سرزمين جي ”**سوس**“ مقام تي ٿي. پوءِ سندن جا والد کين ”**بابِل**“ نمرود جي ملڪ وٺي آيا. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڻ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُوَالسَّلَام کي حڪمت ۽ دانائي سان سرفراز فرمايو ۽ پاڻ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُوَالسَّلَام کي زمين ۽ آسمان جي سڀ شين جو مشاهدو بہ ڪرايو. جيئن تہ ارشادِ رَبّاني آهي تہ: ﴿وَكَذٰلِكَ نُرِيۡۤ اِبۡرٰهِيۡمَ مَلَكُوۡتَ السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضِ وَ لِيَكُوۡنَ مِنَ الۡمُوۡقِنِيۡنَ﴾ **ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ اهڙي طرح اسين ابراهيم کي ڏيکاريون ٿا سموري بادشاهي آسمانن ۽ زمين جي ۽ هن ڪري تہ اهو عين اليقين وارن مان ٿي وڃي. (سيپارو 7، الانعام:75)

## 10 خاص فضائل

پاڻ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي ڏھ (10) اهڙا فضائل حاصل آهن جيڪي پاڻ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي لاءِ خاص آهن. اهي خوبيون هي آهن: ✿ رسولِ



www.dawateislami.net

پاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کان پوءِ حضرت ابراهيم عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام سڀني کان افضل آهن. ❁ حضرت ابراهيم عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام پاڻ کان پوءِ ايندڙ سڀني نبين جا والد آهن. (بهارِ شريعت، ١/٥٢) ❁ هر آسماني دين ۾ سندن جي ئي پيروي ۽ اطاعت آهي. ❁ هر دين وارا توهان جي تعظيم ڪندا آهن. ❁ سندن جي ئي ياد قرباني آهي.❁ حج جا ارڪان بہ سندن جي ئي ياد آهن. ❁ پاڻ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ئي ڪعبي شريف جا پهريان تعمير ڪرڻ وارا يعني ان ڪي گهر جي صورت ۾ ناهڻ وارا آهن. ❁ جنهن پٿر (مقام ابراهيم) تي بيهي پاڻ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ڪعبو شريف ناهيو اتي قيام ۽ سجدا ٿيڻ لڳا. ❁ فوت ٿي ويل مسلمان ٻارن جي پاڻ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۽ سندن بيبي صاحبہ حضرت ساره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا عالَمِ برزخ ۾ پرورش ڪن ٿيون. ❁ قيامت ۾ سڀ کان پهريان سندن کي ئي عمده لباس عطا ڪيو ويندو ان کان فوراً بعد اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي.

(تفسير نعيمي ج١ص٦٢١ مُلَخَّصًا)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## سڀني کان افضل اسان جو نبي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل آخري فضيلت تہ قيامت واري ڏينهن سڀ کان پهريان پاڻ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي بهترين لباس ملندو بعد ۾ اسان جي نبي پاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي، ان کي ٻڌي ڪري ڪنهن جي ذهن ۾ اهو خيال اچي سگهي ٿو تہ حضرت سَيِّدُنا اِبراهيم عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام حُضور سيِّد عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان افضل آهن. قيامت جي ڏينهن سڀ کان پهرين حضرت سَيِّدُنا اِبراهيم عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي حُلّو (بهشتي لباس) عطا ٿيڻ پنهنجي جڳهہ



www.dawateislami.net

پر افضل اسان جا پيارا آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ئي آهن. الله عَزَّوَجَلَّ سيپاري 3 سُوْرَةُ الْبَقَرہ جي آيت نمبر 253 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

تِلْكَ الرُّسُلُ فَضَّلْنَا بَعْضَهُمْ عَلٰى بَعْضٍ ۘ مِنْهُمْ مَّنْ كَلَّمَ اللّٰهُ وَ رَفَعَ بَعْضَهُمْ دَرَجٰتٍ ؕ

(سيپارو: 3 سُورَةُ البَقره آيت نمبر 253)

**ترجمو ڪنزالايمان:** هي رسول آهن اسان انهن مان هڪڙن کي ٻين تي فضيلت ڏني انهن مان ڪنهن سان الله ڪلام فرمايو ۽ ڪو اهو آهي جنهن کي سڀني تي درجا بلند ڪيائين.

**صَدرُالاَفاضِل حضرت علامہ مولانا سيِّد محمد نعيمُ الدّين مراد آبادي** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الهادي الله عَزَّوَجَلَّ جي ان فرمان تہ ”ڪو اهو آهي جنهن کي سڀني تي درجا بلند ڪيائين“ جي متعلق فرمائن ٿا: ان مان مراد حضور پُرنور سَيِّد انبياء محمد مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهن توهان کي ڪيترن ئي درجن جي سبب سڀني انبياء عَلَيْهِمُ السَّلَام تي افضل ڪيو. ان تي پوري اُمّت جو اِجْماع آهي ۽ اڪثر احاديث کان ثابت آهي. حُضُور عَلَيْهِ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام جا اهي خَصائِص ۽ ڪمالات جن ۾ پاڻ عَلَيْهِ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام سڀني انبياء تي فوقيت رکندڙ ۽ افضل آهن ۽ پاڻ عَلَيْهِ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام جو ڪو شريڪ (يعني هڪجهڙي مرتبي جو) ناهي، بيشمار آهن جو قرآن ڪريم ۾ هي ارشاد ٿيو تہ ” درجا بلند ڪيائين “ ان درجن جو ڪو شمار قرآن ڪريم ۾ ذڪر ناهي فرمايو تہ هاڻي ڪير حد لڳائي سگهي ٿو.

(خزائن العرفان، پاره:۳، بقره: تحت الآيه:۲۵۳، ملتقطاً)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** معلوم ٿيو تہ اسان جي پياري آقا ۽ مولٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سڀني انبياء عَلَيْهِمُ السَّلَام کان افضل آهن، ايستائين جو جنابِ ابراهيم عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام کي بہ جيڪي خصوصيتون ۽ ڪمالات ۽ بلند مرتبا حاصل ٿيا اهي بہ اسان جي آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو صَدَقو آهي. ڇو جو پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي سان ئي دُنْيَا وَمَافِيْهَا (دنيا ۽ جيڪو ڪجھ ان ۾ آهي



www.dawateislami.net

سپ) کي پيدا ڪيو ويو. اعلٰي حضرت امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه انهي حقيقت جي طرف اشارو ڪندي فرمائن ٿا:

ہوتے کہاں خلیل و بِنا، کَعبہ و مِنٰی
لَوْلاک والے صاحبی سب تیرے گھر کی ہے

(حدائقِ بخشش، ص۲۰۳)

## بِئي جهان توهان جي لاءِ ٺهيا

يعني اعلٰي حضرت رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه هي فرمائي رهيا آهن: هر ڪنهن جو وجود حُضُور عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي نور جي فيض سان آهي. جيڪڏهن حُضُور عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام نہ هجن ها تہ نہ ڪعبو تعمير ڪرڻ وارا حضرت خليلُ الله عَلَيۡهِ السَّلَام هجن ها، نہ ڪعبي شريف جو بنياد رکيو وڃي ها ۽ نہ ئي منٰي جون رونقون هجن ها. (شرح حدائقِ بخشش ازمولانا حسن قادري، ص:۵۸۵) تہ عالم جي پيدائش بہ حُضُور پُرنور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي طفيل ئي ٿي آهي ۽ ان ڪائنات جو رنگ ۽ خوشبو بہ مني مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دم قدم سان آهي. زمينن ۽ آسمانن جي خالق عَزَّوَجَلَّ ڪائنات بڻائڻ جو ارادو فرمايو تہ ان پنهنجي حبيب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نُور جي تخليق فرمائي، ان وقت نہ جنّ هئا نہ انسان، نہ لَوح نہ قَلَم، نہ جنّت ۽ نہ دوزخ ۽ نہ حُور ۽ مَلَڪ هئا نہ زمين ۽ آسمان ۽ نہ ئي هي سڄ ۽ چنڊ وجود ۾ آيا هئا. ان وقت الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي حبيب جي نُور سان لوح ۽ قَلَم ۽ عَرش و ڪُرسي پيدا فرمايا، پوءِ اِن پاڪ نور سان آسمان ۽ زمين، جنّت ۽ دوزخ کي بڻايو، مقصد هي تہ حُضُورِ پاڪ، صاحبِ لولاڪ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ذاتِ پاڪ ئي ڪائنات جي تخليق جو مقصد آهي. جيئن تہ حديثِ قُدسي جو مفهوم آهي تہ



www.dawateislami.net

حضرت سَيِّدُنا عبدُاللّٰه بن عباس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْہُمَا کان روايت آهي: اللّٰه عَزَّوَجَلَّ حضرتِ سَيِّدُنا عيسٰي رُوحُ اللّٰه عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ڏانهن وحي موڪلي: "اي عيسيٰ! محمد (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) تي ايمان آڻيو! ۽ توهان جي اُمّت مان جنهن کي انهن جو زمانو ملي، انهن کي بہ حڪم ڪجو تہ انهن تي ايمان آڻين فَلَوْلَا مُحَمَّدٌ مَا خَلَقْتُ اٰدَمَ وَلَا الْجَنَّةَ وَلَا النَّارَ، يعني جو جيڪڏهن مُحَمّد عربي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ذاتِ گرامي نہ هجي ها تہ آئون نہ آدم کي پيدا ڪريان ها ۽ نہ ئي جنّت ۽ دوزخ بڻايان ها." جڏهن مون عرش کي پاڻي تي بڻايو تہ اهو ان وقت جنبش (حرڪت) ڪري رهيو هو مون ان تي "لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ" لکي ڇڏيو، بس اهو رُڪجي ويو. (الخصائص الكبريٰ، باب خصوصيته بكتابة اسمه الشريف ...الخ، ۱/۱۴) بس! ان ڪائنات جون سڀ رونقون حُضُور عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي سبب ئي آهن.

حديثِ قُدسي آهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائي ٿو: لَقَدْ خَلَقْتُ الدُّنْيَا وَاَهْلَهَا لِاُعَرِّفَهُمْ كَرَامَتَكَ وَمَنْزِلَتَكَ عِنْدِيْ وَلَوْلَاكَ يَا مُحَمَّدُ! مَا خَلَقْتُ الدُّنْيَا۔ يعني اي منهنجا حبيب (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) مون دنيا ۽ اهلِ دنيا کي ان لاءِ پيدا ڪيو تہ جيڪا عزت ۽ منزلت تنهنجي مون وٽ آهي، آئون انهن کي ان جي سُڃاڻ ڪرائي ڇڏيان ۽ اي منهنجا حبيب (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)! جيڪڏهن تون نہ هجين ها تہ آئون دنيا کي نہ پيدا ڪريان ها. (تاريخ دمشق، ۳/۵۱۸، از ملفوظاتِ اعليٰ حضرت، ص۵۲۱) معلوم ٿيو تہ دنيا جون سموريون شيون ايستائين جو سيني انبياء عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي بہ وجود جي دولت اسان جي آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ئي مُهابي ملي آهي، توهان ئي اصل ڪائنات ۽ مَنبعِ موجودات آهيو. تنهنڪري تہ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا.



www.dawateislami.net

(1) زمین و زماں تمھارے لیے، مکین و مکاں تمھارے
چُنین و چُناں تمھارے لیے، بنے دو جہاں تمھارے لیے

(2) فرِشتے خِدَم، رسولِ حَشَم، تمامِ اُمَم، غلامِ کَرَم
وُجُود و عَدَم، حُدُوث و قِدَم، جَہاں میں عِیاں تمھارے لیے

(حدائقِ بخشش، ص۳۴۸)

## اشعار جي وضاحت

(1)يارسولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ! هي پوري زمين اوهان جي لاءِ ٺاهي وئي، جيترا به زمانا آيا، توهان جي خاطر، هر شيءِ اوهان جي خاطر بلڪ ٻئي جهان ئي توهان جي لاءِ آهن.

(2)يارسولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ! فِرشتا اوهان جا خدمت گذار آهن، انبياء ۽ رسول عَلَيۡهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام توهان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا خيرخواه آهن، سيئي امتي توهان جي ڪرم جا سُوالي آهن، وجود هجي يا عدم (يعني تيڻ يا نه تيڻ) عالمِ حُدوث هجي يا قدم (يعني زندگي يا موت) نئون هجي يا پراڻو، رات هجي يا ڏينهن انهن سڀني جو ظاهر ٿيڻ توهان جي بابرڪت ذات جي طفيل آهن.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## قوم کي نيڪي جي دعوت ڏيڻ

منا منا اسلامي ڀائرو! حضرت ابراهيم خليلُ الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي الله عَزَّوَجَلَّ اسان جي پياري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان بعد تمام انبياء ۾ سڀ کان وڏو رتبو عطا فرمايو آهي. الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي مُقرَّب



www.dawateislami.net

۽ محبوب ٻانهن کي آسانين سان گڏ ڪيترن ئي مشڪلاتن ۾ مبتَلا فرمائي ڪري انهن جي آزمائش بہ فرمائيندو آهي ۽ هي نُفوسِ قُدسِيہ حرفِ شڪايت زبان تي آڻڻ جي بجاءِ هميشہ خوش مزاجي سان انهن مصيبتن ۽ مشڪلاتن کي برداشت ڪندا آهن. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي بہ ڪيترن ئي شين سان آزمايو ۽ ﺁﭖ عَلَيۡهِ السَّلَام اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي فضل ۽ ڪرم سان هر امتحان ۾ ڪامياب ٿيا. ﺁﭖ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي قوم شرڪ جي لعنت ۾ مبتلا هئي. جڏهن ﺁﭖ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام اعلانِ نبوت فرمايو تہ سڀ کان پهريان اهل ۽ عيال مان پنهنجي چاچي کان آغاز فرمايو ۽ ان کي شرڪ کان باز رهڻ ۽ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ کي ئي معبودِ حقيقي مڃڻ جي دعوت ڏني. ان جو نتيجو هي نڪتو تہ انهن عَلَيۡهِ السَّلَام جو چاچو سندن جي ڳالهہ مڃڻ جي بجاءِ انهن عَلَيۡهِ السَّلَام جو دشمن ٿي ويو. **قرآنِ پاڪ** ۾ هي واقعو هن ريت بيان ڪيو ويو، سيپاري 16، سورهء مريم جي آيت نمبر 42، 43 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

اِذۡ قَالَ لِاَبِيۡهِ يٰۤاَبَتِ لِمَ تَعۡبُدُ مَا لَا يَسۡمَعُ وَ لَا يُبۡصِرُ وَ لَا يُغۡنِىۡ عَنۡكَ شَيۡـًٔـا ﴿۴۲﴾ يٰۤاَبَتِ اِنِّىۡ قَدۡ جَآءَنِىۡ مِنَ الۡعِلۡمِ مَا لَمۡ يَاۡتِكَ فَاتَّبِعۡنِىۡۤ اَهۡدِكَ صِرَاطًا سَوِيًّا ﴿۴۳﴾

(سيپاري 16، سورهء مريم آيت نمبر 42، 43)

**ترجمو ڪنزالايمان:** جڏهن پنهنجي پيءُ کي چيائين اي منهنجا پيءُ اهڙي کي ڇو ٿو پوڄين جيڪو نہ ٻڌي نہ ڏسي ۽ نہ تنهنجي ڪنهن ڪم اچي. اي منهنجا پيءُ بيشڪ مون وٽ اهو علم آيو جيڪو تو وٽ نہ آيو، تون منهنجي پٺيان هليو اچ تہ مان توکي سڌي واٽ ڏيکاريان.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! آيت مبارڪ ۾ حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام جي چاچي کي پيءُ سڏيو ويو آهي، ان جو سبب بيان ڪندي حضرت صَدرُالاَفاضِل حضرت علّامہ مولانا سيِّد محمد نعيمُ الدّين مُراد آبادي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡهَادِي فرمائن ٿا:



www.dawateislami.net

قامُوس ۾ آهي ته آزر، حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي چاچي جو نالو آهي. امام علّامه جلالُ الدّين سِيُوطي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه مسالك الحُنَفاء ۾ به ايئن ئي لکيو آهي، چاچي کي پيءُ چوڻ سيني ملکن ۾ معمول آهي بالخصوص عرب ۾، قرآن کريم ۾ آهي ﴿نَعۡبُدُ اِلٰهَكَ وَاِلٰـهَ اٰبَآئِكَ اِبۡرٰهٖمَ وَ اِسۡمٰعِيۡلَ وَ اِسۡحٰقَ اِلٰهًا وَّاحِدًا﴾ ان ۾ حضرت اِسمٰعِيل کي حضرت يعقوب جي ابن ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي ان جي باوجود جو پاڻ چاچا آهن. (خزائن العرفان،ص٢٦١)

الغَرَض پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام پنهنجي چاچي کي هر نموني سمجهايو پر اُهي پنهنجي ابن ڏاڏن جي دين کي ڇڏڻ تي راضي نه ٿيا ۽ نهايت سخت لهجي ۾ جواب ڏنو، جيئن قرآنِ پاڪ جي سيپاري 16، سورهٴ مريم جي آيت نمبر 46 ۾ انهن لفظن سان بيان فرمايو آهي:

قَالَ اَرَاغِبٌ اَنۡتَ عَنۡ اٰلِهَتِیۡ یٰۤـاِبۡرٰهِیۡمُ ۚ لَئِنۡ لَّمۡ تَنۡتَهِ لَاَرۡجُمَنَّكَ وَاهۡجُرۡنِیۡ مَلِیًّا ﴿۴۶﴾

(سيپارو 16، سورة مريم آيت نمبر 46)

**ترجمو ڪنزالايمان:** چيائين ڇا تون منهنجي خدائن کان منهن موڙين ٿو اي ابراهيم بيشڪ جيڪڏهن تون نه مُڙين ته مان توتي پٿراءُ ڪندس۽ مون کان جدا ٿي وڃ ڊگهي زماني تائين.

## ٽڏي باه

پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام جي چاچي جڏهن توهان جي ڳالهه مڃڻ کان انڪار ڪيو ۽ اهو به توهان جو دشمن ٿي ويو ته ان کان پوءِ پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام پنهنجي قوم کي دعوت ڏني ته انهن به سندن عَلَيْهِ السَّلَام جي ڳالهه مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. پر پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام مسلسل پنهنجي قوم کي نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ انهن کي ڪُفر ۽ شِرڪ جي اونداهي وادين کان ڪڍڻ جي لاءِ هر وقت تيار رهيا پر اهي باز نه آيا ۽ اهي به پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام جا دشمن ٿي ويا ۽ چوڻ لڳا:


www.dawateislami.net

﴿قَالُوا اقْتُلُوْهُ اَوْ حَرِّقُوْهُ﴾ **ترجمو ڪنزالايمان:** چيائون هن کي قتل ڪري ڇڏيو يا ساڙي ڇڏيو (پاره:۲۰، العنکبوت:۲۴) **صَدْرُالاَفاضِل حضرت علّامہ مولانا سيِّد محمد نعيمُ الدّين مراد آبادي** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الهادي فرمائن ٿا: نمرود ۽ ان جي قوم پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام کي باھ ۾ ساڙڻ تي متفق ٿي وئي ۽ انھن پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام کي ھڪ مڪان ۾ قيد ڪري ڇڏيو ۽ قريہ ڪوثيٰ ۾ ھڪ عمارت ناھي ۽ ھڪ مھيني تائين ڪوشش سان سيني قِسمن جون ڪاٺيون جمع ڪيون ۽ ھڪ وڏي باھ ٻاري، جنھن جي تپش سان ھوا ۾ اڏامڻ وارا پکي بہ سڙي ويندا ھئا ۽ ھڪ **مَنْجَنِيق** (مَنْ.جَ.نِيْق پٿر اڇلائڻ واري توپ) ٻيهاري ۽ پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام کي ٻَڌي ان ۾ رکي باھ ۾ اڇلايو، ان وقت سندن عَلَيْهِ السَّلَام جي زبان مبارڪ تي ھو حَسْبِيَ اللهُ وَنِعْمَ الْوَكِيْلُ (يعني **الله** عَزَّوَجَلَّ مونکي ڪافي آھي ۽ ڪيترو ئي بھتر ڪارساز) **جبريلِ امين** عَلَيْهِ السَّلَام پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام کي عرض ڪيو تہ ڇا ڪو ڪم آھي؟ پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام جن فرمايو تون سان نہ، جبريل عَلَيْهِ السَّلَام عرض ڪيو: تہ پنھنجي رب کان سُوال ڪريو! فرمايو: سُوال ڪرڻ سان ان جو منھنجي حال کي ڄاڻڻ مون کي ڪفايت ڪري ٿو. (خزائن العرفان،سيپارو:۱۷، الانبيا، تحت الآية:۶۸) تڏھن **الله** عَزَّوَجَلَّ ان باھ کي حڪم فرمايو ﴿يٰنَارُ كُوْنِيْ بَرْدًا وَّ سَلٰمًا عَلٰۤى اِبْرٰهِيْمَ ﴿۶۹﴾﴾ **ترجمو ڪنزالايمان:** اي باھ ٿي وڃ ٿڌي ۽ سلامتي واري ابراھيم تي. تہ باھ سواءِ توھان جي بندش (رسين وغيره) جي ٻيو ڪجھ نہ ساڙيو ۽ باھ جي گرمي ختم ٿي وئي ۽ روشني باقي رھي.

(خزائن العرفان،سيپارو:۱۷، الانبيا، تحت الآية:۶۹)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

## آزمائش تي صبر انبياء جو طريقو آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو تہ! حضرت سَيِّدُنا ابراهيم عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جن پنهنجي قوم کي دينِ حَق جي دعوت ڏيڻ ۾ ڪهڙي همت، استقامت، حوصلي ۽ صبر کان ڪم ورتو. پهرين سندن عَلَيۡهِ السَّلَام جا گهروارا سندن جا دشمن ٿيا، پوءِ سندن عَلَيۡهِ السَّلَام قوم بہ دشمن ٿي وئي، ان جي باوجود پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام دين جي دعوت ڏيڻ تَرڪ نہ فرمائي، بلڪ انهن جي اصلاح جي ڪوشش جاري رکي. ايستائين جو انهن پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام کي زنده باھ ۾ ساڙڻ جو فيصلو ڪري ورتو، تڏهن بہ پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام انهن جي اڳيان جهڪڻ گوارا نہ ڪيو ۽ صبر جي انتها تہ ڏسو! ان وقت حضرتِ سَيِّدُنا جبريلِ امين عَلَيۡهِ السَّلَام حاضر ٿي عرض بہ ڪيو تہ ڪا حاجت هجي تہ فرمايو، پوري ڪري ڇڏيان؟ پر قربان وڃو! حضرت سَيِّدُنا ابراهيم خليلُ الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام تي جو ان وقت بہ صبر ۽ رضا جا پيڪر رهيا. ان واقعي مان انهن اسلامي ڀائرن کي بہ درس حاصل ڪرڻ گهرجي جيڪي راهِ خدا ۾ نيڪي جي دعوت ڏيندي پيش اچڻ واري مصيبتن تي شڪوه ڪندي نظر ايندا آهن. ياد رکو! دين جي تبليغ ڪرڻ انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام جي سُنّتِ ڪريمہ آهي ۽ ان راهہ ۾ ملڻ وارين تڪليفن تي صَبر ڪرڻ بہ انهن مقدّس هستين جو طريقو آهي. الله عَزَّوَجَلَّ اَنۡبِياء ۽ مرسلين عَلَيۡهِمُ الصَّلٰوةِ وَالتَّسۡلِيۡم ۽ اولياءِ ڪاملين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الۡمُبِين جي آزمائش فرمائيندو آهي ۽ انهن مصيبتن ۽ مشڪلاتن تي صبر ڪرڻ تي اهو رحيم ۽ ڪريم ربّ عَزَّوَجَلَّ پنهنجي رحمت سان انهن کي بيشمار اَجر ۽ ثواب ۽ بلند دَرَجات سان نوازيندو آهي. اسان کي بہ گهرجي تہ جڏهن بہ نيڪي جي دعوت ڏيڻ وقت ڪٿي مشڪلات ۽



www.dawateislami.net

مصيبتن ڪي منهن ڏيڻو پوي تہ رضاءِ الٰهي جي خاطر ان ڪي برداشت ڪندي صبر ڪان ڪم وٺون. اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان اجر ۽ ثواب جو خزانو اسان جي هٿ ايندو. انهيءَ جي مُتعلق بہ فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڙهو ۽ عمل جو جذبو پيدا ڪريو.

(1) جنهن مصيبت تي صبر ڪيو ايستائين جو ان (مصيبت) کي چڱي صبر سان موٽائي ڇڏيو تہ الله تبارڪ و تعالٰي ان جي لاءِ ٽي سؤ (300) درجات لکندو، هر هڪ درجي جي درميان زمين ۽ آسمان فاصلو هوندو.

(اَلْجَامِعُ الصَّغير لِلسّيوْطِي ص٣١٧ حديث ٥١٣٧)

(2) الله عَزَّوَجَلَّ پانهي کي تڪليف ۾ مبتلا رکندو آهي ايستائين جو اها تڪليف ان جا سمورا گناه مٽائي ڇڏيندي آهي.

(المستدرک،کتاب الجنائز،باب المريضي کتب له من...... الخ الحديث: ١٣٢٦، ج١،ص ٦٦٨)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## عشق جو امتحان

حضرت سَيِّدُنا اسماعيل عَلَيۡهِ السَّلَام حضرت سَيِّدُنا اِبراهيم عَلَيۡهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي زوجهءِ محترمہ حضرت بي بي هاجره رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهَا جي بَطَنِ مبارڪ مان پيدا ٿيا. انهن جي پيدائش ڪان پوءِ پاڻ (حضرت سَيِّدنا اِبراهيم) عَلَيۡهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام تي وحي نازل ٿي تہ اوهان حضرت هاجره رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهَا ۽ حضرت اسماعيل عَلَيۡهِ السَّلَام کي اهڙي هنڌ ڇڏي اچو جتي برپٽ ميدان ۽ خشڪ جبلن ڪان علاوه ٻيو ڪجھ نہ هجي. حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام حضرت هاجره رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهَا ۽ اسماعيل کي گڏ ڪٺي سفر فرمايو ۽ ان هنڌ آيا جتي ڪعبهءِ مُعَظمہ آهي. اتي ان وقت



www.dawateislami.net

نہ ڪا آبادي هئي نہ ڪو چشمو ۽ پري پري تائين ڪنهن پاڻي يا ماڻهو جو نالو نشان تائين نہ هو. حضرت ابراهيمعَلَيْهِ السَّلَام اتي هڪ ٿانوَ ۾ ڪجھ ڪجوررن ۽ هڪ مشڪيزي ۾ پاڻي رکي روانا ٿي ويا. حضرت هاجره رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا فرياد ڪئي: اي الله عَزَّوَجَلَّ جا نبي هن برپٽ بيابان ۾ جتي نہ ڪو مددگار نہ ڪو غمخوار، اوهان اسان کي بي يارومددگار ڇڏي ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيو؟ ڪيئي ڀيرا حضرت هاجره رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا اوهان کي پڪاريو پر اوهان ڪو جواب نہ ڏنو، آخر ۾ حضرت بيبي هاجره رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا سُوال ڪيو تہ اوهان ايترو تہ ٻڌايو تہ اوهان پنهنجي مرضي سان ڇڏي پيا وڃو يا خُداوَندِ قُدّوس جي حڪم سان اوهان ائين ڪيو آهي، تہ پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام فرمايائون: اي هاجره! مون جيڪو ڪجھ ڪيو آهي اهو الله تعاليٰ جي حڪم سان ڪيو آهي. اهو ٻڌي حضرت هاجره رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا چيو تہ پوءِ اوهان وڃو، مون کي ڪامل يقين آهي ۽ پورو پورو اطمينان آهي تہ الله ڪريم عَزَّوَجَلَّ مون کي ۽ منهنجي پٽ کي ضايع نہ فرمائيندو. ڪجھ ڏينهن کان پوءِ کجور ۽ پاڻي ختم ٿيڻ تي حضرت هاجره رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا تي بُک ۽ اُڃ جو غَلَبو ٿيو ۽ انهن جي سيني ۾ کير بہ سُڪي ويو ۽ ٻار بُک ۽ اڃ جي ڪري تڙپڻ لڳو، حضرت هاجره رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا پاڻي جي ڳولها ۽ جُستجو ۾ صفا مروه جي ٻنهي جبلن جا ست (7) چڪر لڳايا پر پري پري تائين پاڻي جو پتو نہ مليو، حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام اُڃ جي شدّت جي ڪري ڪڙيون هڻي ڪري روئي رهيا هئا، حضرت جبرئيل عَلَيْهِ السَّلَام اوهان جي ڪڙين وٽ زمين تي پنهنجو پير هڻي چشمو جاري ڪري ڇڏيو. هڪ روايت جي مطابق حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام جي ڪُڙي سان جاري ٿيو (مرأة المناجيح، ۴/٦٧) ان پاڻي ۾ کير جهڙي خاصيت هئي جو اهو پاڻي ۽ غذا ٻنهي جو ڪم ڏيندو



www.dawateislami.net

هو، اهو زم زم جو پاڻي پي ڪري حضرت هاجره رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا ۽ حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام زنده رهيا، ايستائين جو حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام جوان ٿي ويا ۽ شڪار ڪرڻ لڳا ۽ شڪار جي گوشت ۽ زم زم جي پاڻي تي گذر بسر ٿيندو رهيو. پوءِ جُرهم قبيلي جا ڪجھ ماڻهو پنهنجون ٻڪريون چاريندي هن ميدان ۾ آيا ۽ پاڻي جو چشمو ڏسي حضرت هاجره رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا جي اجازت سان هتي آباد ٿي ويا ۽ ان قبيلي جي هڪ ڇوڪريءَ سان حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام جي شادي به ٿي وئي ۽ آهستي آهستي هتي هڪ آبادي ٿي وئي. (عجائب القرآن مع غرائب القرآن، ص١٤٥، ملخصاً)

## اطاعت گذار هجي ته اهڙو!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ان واقعي کان اسان کي اهو معلوم ٿيو ته حضرت سَيِّدُنا اِبراهيم عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام پنهنجي رب تعالٰي جا تمام ئي اطاعت گذار ۽ فرمانبردار هئا جو (توهان رضاءِ الٰهي جي خاطر پنهنجو) اهو ٻار جيڪو وڏي دعائن کان بعد پوڙهائپ ۾ مليو هو، جيڪو سندن اکين جو نُور ۽ دل جو سُرور هو، فطري طور تي حضرت سَيِّدنا اِبراهيم عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ان کي پنهنجو پاڻ کان ڪڏهن جدا نٿي ڪري سگهيا، پر الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي خاطر پنهنجي پياري فرزند ۽ گهرواريءَ کي واديءِ بَطْحا جي ان ويران جڳھ تي ڇڏي آيا جتي مٿي ڍڪڻ جي لاءِ وڻ جو پتو ۽ اُڃ ختم ڪرڻ جي لاءِ پاڻي جو هڪ قطرو به نه هو، نه اُتي ڪو يار ۽ مددگار، نه ڪو دوست ۽ غمخوار. اسان مان ڪو هجي ها ته شايد ان جي تصور سان ئي ان جي ڇاتيءَ ۾ دل ڌڙڪڻ لڳي ها، بلڪ غم جي شدّت کان دل ڦاٽي پوي ها. پر حضرت اِبراهيم خليلُ الله عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام الله عَزَّوَجَلَّ جو هي حڪم ٻُڌي نه



www.dawateislami.net

فڪر مند ٿيا، نہ ھڪ لمحي جي لاءِ سوچ ويچار ۾ پيا، نہ رنج ۽ غم کان بيحال ٿيا بلڪ فورًا ئي پنھنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ جو حڪم بجا آڻڻ جي لاءِ زال ۽ ٻار کي وٺي ڪري ملڪِ شام کان مڪي جي سرزمين ڏانھن ھلي ويا ۽ اُتي زال ۽ ٻار کي ڇڏي شام ملڪ واپس ھلي آيا. **اَللّٰہُ اَکۡبَر!** ان اطاعت جي جذبي ۽ فرمانبرداري جي جوش تي اسان جي جان قربان!

اي ڪاش! اسان بہ رضاءِ الٰھي جي خاطر اسلام جي تعليمات کي عام ڪرڻ، سُنّتون سکڻ ۽ ماڻھن ۾ **نيڪي جي دعوت** کي عام ڪرڻ جي لاءِ پاڻ بہ ۽ پنھنجي جان جي ٽڪرن، اکين جي تارن کي پاڻ کان جُدا ڪري ڪيئي سالن يا مھينن جي لاءِ نہ بلڪ مھيني ۾ ٽن (3) ڏينھن جي لاءِ راهِ خدا ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ **مدني قافلن** ۾ سفر تي روانو ڪرڻ وارا بڻجي وڃون. ھفتيوار سُنّتن ڀرئي اجتماع ۾ پنھنجي سمجھدار ۽ وڏن ٻارن سان گڏ پاڻ بہ شرڪت ڪرڻ اسان جو معمول بڻجي وڃي. ڏاڙھي شريف، عِمامو شريف ۽ ٻين سُنّتن تي عمل ڪرڻ ۽ پنھنجي ٻارن کي بہ سُنّتن تي عمل ڪرڻ جي ترغيب ڏيڻ جي سعادت نصيب ٿي وڃي.

سُنَّتوں کی کروں خُوب خِدمت      ہر کسی کو دُوں نیکی کی دعوت
نیک میں بھی بنوں اِلتِجا ہے      یاخُدا تجھ سے میری دُعا ہے

(وسائلِ بخشش، ص۱۳۹)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب!      صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## راضي برضاءِ الٰھي

منا منا اسلامي ڀائرو! حضرت سَيِّدُنا ابراهيم عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیۡهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي پوري زندگي راهِ خداعَزَّوَجَلَّ ۾ قربانيون ڏيندي گذري. جڏھن بہ حڪمِ



www.dawateislami.net

خداوندي آيو تہ پاڻ ان جي تعميل ڪندي ڪڏهن گهروارن کي شرڪ کان روڪيو تہ ڪڏهن قوم کي **نيڪي جي دعوت** ڏئي انهن جي مخالفت کي منهن ڏنو، ڪڏهن وقت جي بادشاھ کي توحيد ۽ رسالت جو پيغامِ حَق ٻُڌايو، ڪڏهن پنهنجي قوم جي هٿان باھ ۾ سڙڻو پيو، وڏي چاهتن ۽ مُرادن کان پوءِ پوڙهائپ ۾ حاصل ٿيڻ واري کير پِياڪ پُٽ کي ان جي والده سان گڏ ويران برپٽ ۾ ان ميدان ۾ جتي ڪو چانو لاءِ وڻ نہ هو، رب عَزَّوَجَلَّ جي حڪم سان بغير ڪنهن دُنيوي سهاري جي اڪيلو ڇڏي ڏنو، تہ ڪڏهن انهيءَ پُٽ جي نرم ۽ نازڪ ڪنڌ تي پنهنجي هٿن سان ڇُري هلائڻ کان بہ پوئتي نہ هٽيا. الغرض پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام جي پوري زندگي اطاعتِ الٰهي ۾ گذرندي نظر اچي ٿي.پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام جي حياتي جي داستان جو هڪ هڪ گوشو رضاءِ الٰهي تي راضي رهڻ جو درس ڏئي ٿو. پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام جو هر حال ۾ راضي برضاءِ الٰهي رهڻ جو جذبو صد ڪروڙ مرحبا! ڪاش! جو اسان بہ پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام وانگر پنهنجي مولٰي عَزَّوَجَلَّ جي رضا ۾ راضي رهڻ وارا بڻجي وڃون، ڪاش! جو اسان بہ اطاعتِ الٰهي سان مَعمور زندگي گذارڻ وارا بڻجي وڃون.

حضرت سَيِّدُنا ابراهيم عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام راھِ خدا ۾ پنهنجي اولاد تائين قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويا، اي ڪاش! اسان پنهنجو ڪجھ وقت ئي راھِ خدا ۾ گذارڻ وارا بڻجي وڃون. خُوب خُوب مدني قافلن ۾سفر ڪرڻ سان گڏوگڏ مدني انعامات تي عمل ڪرڻ وارا ۽ مدني ڪمن جون ڌومون مچائڻ وارا بڻجي وڃون.

حضرت سَيِّدُنا ابراهيم عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي حياتِ طيّبہ مان اسان کي هي بہ درس ملي ٿو تہ اسان تي ڪيتري ئي وڏي مصيبت ڇو نہ اچي وڃي



www.dawateislami.net

۽ ڪهڙي به وڏي آزمائش ۾ چو نه مبتلا ٿي وڃون، پر پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ جي رضا تي راضي رهندي صبر ۽ شڪر سان گڏ ان وقت کي گذارڻ گهرجي. بالفرض! جيڪڏهن اسان ڪنهن مصيبت جو شڪار ٿي وڃون، تڏهن به واويلا مچائڻ جي بجاءِ پاڻ کي ملڻ واري عظيم ثواب جي طرف نظر ڪرڻ گهرجي. ڪيتريون ئي نعمتون اهڙيون آهن جيڪي بغير گهُري عطا ٿيون آهن ۽ انهن جو سلسلو وڏندو ئي تو وڃي. يقينًا خداءِ اَحْكَمُ الْحَاكِمِيْن عَزَّوَجَلَّ جون بيشمار نعمتون پوري ڪائنات جي ذرّي ذرّي تي مينهن جي قطرن، وڻن جي پتن، سمند جي قطرن ۽ واريءَ جي ذرّن کان به وڌيڪ هر لمحي، هر گهڙي بغير گهُري طوفاني بارش جيان تيز تر وسنديون رهنديون آهن. جنهن کي شمار ڪرڻ جو تصور به نٿو ڪري سگهجي ۽ ان جو اعلان الله عَزَّوَجَلَّ خود پنهنجي پياري ڪلام ۾ فرمائي رهيو آهي، جيئن ته ارشاد ٿئي ٿو:

وَ اِنْ تَعُدُّوْا نِعْمَتَ اللّٰهِ لَا تُحْصُوْهَا ؕ

(سيپارو: 13، ابراهيم: 34)

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ جيڪڏهن الله جون نعمتون شمار ڪريو ته ڳڻي نه سگهندؤ.

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** يقينًا ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته ٻانهو ڪنهن به وقت، ڪنهن به لمحي، ڪنهن به حالت ۾ پنهنجي خالق ۽ مالڪ عَزَّوَجَلَّ جي بيحد ۽ لاتعداد نعمتن کان لاتعلق نه ٿو ٿي سگهي. تنهنڪري جيڪڏهن ڪا آزمائش جي گهڙي مقدر ۾ اچي وڃي، يا ڪا نعمت ختم ٿي وڃي ، تڏهن به الله عَزَّوَجَلَّ جون ٻيون لاتعداد نعمتون ته موجود هونديون آهن. تنهنڪري عقلمند اهو ئي آهي جيڪو انهن گهڙين ۾ صبر جو دامن نه ڇڏي ۽ رضاءِ الٰهي جي خاطر انهن کي برداشت ڪري، اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان اجر ۽ ثواب جي عظيم خزانو اسان جي هٿ ايندو. جيئن ته ٻه فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻڌو:



www.dawateislami.net

❁ مسلمان کي جيڪا بہ تڪليف، اذيّت، انديشو، غم ۽ ڏُک پهچي ايستائين جو جيڪڏهن ان کي ڪنڊو بہ لڳي تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان تڪليفن جي سبب ان جا گناھ مٽائي ڇڏيندو آهي.

(صحيح البخاري، كتاب المرضي ،باب كفارة المرض، الحديث ٥٦٤٠،ج٤،ص٣)

❁ قيامت جي ڏينهن جڏهن مُنادي (سڏڻ وارو) نِدا (سڏ) ڪندو: ڪير آهي جنهن جو الله عَزَّوَجَلَّ تي قرض آهي؟ تہ مخلوق چوندي: اهڙو ڪير آهي جنهن جو قرض الله عَزَّوَجَلَّ تي هجي؟ فِرشتا چوندا: اهو جنهن کي (دنيا ۾) اهڙي مصيبت ۾ مبتلا ڪيو ويو جنهن سان ان جي دل غمگين ٿي، اڪين مان لُڙڪ وهيا پر ان ثواب جي اُميد تي الله عَزَّوَجَلَّ جي رِضا جي لاءِ صَبَر ڪيو اڄ اهو اُٿي بيهي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ کان پنهنجو اَجر حاصل ڪري.

(نیکیوں کی جزائیں اور گناہوں کی سزائیں،ص٦٣)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## قرباني جي اهميت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي گهرجي تہ اسان پنهنجي اندر صبر ۽ شڪر جهڙيون عادتون پيدا ڪرڻ جي لاءِ ڪوشش ڪريون ۽ ان سارا ڀلا خوبين کي پنهنجي ذات تي نافذ ڪرڻ جو هڪ بهترين ذريعو هي بہ آهي تہ اسان پنهنجي بزرگن جي سيرت ۽ ڪردار جو مطالعو ڪريون. جڏهن انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام ۽ اولياءِ عظام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام جي واقعن کي پڙهنداسين تہ اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ انهن جي ڪردارن جي مدني خوشبو سان اسان جي زندگي بہ مهڪڻ لڳندي. اڄ اسان حضرت سَيِّدُنا ابراهيم عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي متعلق ٻڌو. پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام پوري زندگي الله عَزَّوَجَلَّ جي اطاعت ۽ فرمانبرداري ۾



www.dawateislami.net

گذاري، حڪمِ خداوندي ۾ پنهنجو تَن، مَن ۽ ڌَن قربان ڪرڻ جو عملي مظاهرو ڪيو. ايستائين جو چند جهڙو پُٽ بہ راهِ خدا ۾ قربان ڪرڻ کان نہ ڪيٻايو. الله عَزَّوَجَلَّ کي سندن عَلَيۡهِ السَّلَام جي هي ادا ايتري پسند آئي جو تمام اُمّتِ مسلمہ کي حڪم فرمائي ڇڏيو تہ توهان بہ منهنجي خليل (عَلَيۡهِ السَّلَام) جي ان ادا تي عمل ڪندي جانور ذَبَح ڪندا ڪريو. جيئن تہ هر بالغ، مقيم، مسلمان مرد ۽ عورت، مالڪِ نصاب تي قرباني واجب آهي. (عالمگيري ج۵ص۲۹۲، ملتقطاً) مالڪِ نصاب هئڻ مان هي مراد آهي تہ ان شخص وٽ ساڍا ٻاونجاهہ (52.5) تولا چاندي يا ان جيتري ماليت جي رقم يا ان جيتري ماليت جو تجارت جو مال يا ان جيتري ماليت جو (حاجاتِ اَصليّہ کان علاوه) سامان هجي ۽ ان تي الله عَزَّوَجَلَّ يا ٻانهن جو ايترو قرض نہ هجي جنهن کي ادا ڪرڻ کان بعد بيان ڪيل نصاب باقي نہ رهي. (عالمگيري، ۱/۱۸۷، ملخصاً) فُقهاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام فرمائن ٿا: حاجتِ اَصلِيّہ (يعني ضرورياتِ زندگي) مان مراد اهي شيون آهن جن جي عام طور تي انسان کي ضرورت هوندي آهي ۽ ان جي بغير وقت گذرڻ ۾ شديد تنگي ۽ ڏکيائي محسوس ٿيندي آهي جيئن رهڻ جي لاءِ گهر، پائڻ جي لاءِ ڪپڙا، سُواري، علمِ دين جي متعلق ڪتاب ۽ پيشي جي متعلق اوزار وغيره. (عالمگيري، ۱/۱۷۲، ملخصاً)

ڪيترين ئي احاديثِ مبارڪہ ۾ قرباني جا فضائل وارد ٿيا آهن. اچو تہ انهن مان بہ (2) فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڙهون ٿا.

1) حضرتِ سَيِّدُنا زيد بن اَرۡقم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ فرمائن ٿا: صحابہء ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان عرض ڪيو، يَارَسولَ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هي قربانيون ڇا آهن؟ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: توهان جي پيءُ اِبراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام جي



www.dawateislami.net

سُنّت آهن. صحابهء ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضوَان جن عرض ڪيو: يَا رَسولَ الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن ۾ اسان جي لاءِ ڇا ثواب آهي؟ فرمايو: هر وار جي بدلي هڪ نيڪي آهي. عرض ڪيو: ۽ اُن ۾؟ فرمايو: ان جي هر وار جي بدلي ۾ هڪ نيڪي آهي.

(ابن ماجه ،ڪتاب الاضا حي، باب ثواب الاضحية، رقم ٣١٢٧ ،ج٣، ص ٥٣١)

2) هڪ ٻي حديثِ پاڪ ۾ آهي: اي انسانو! خوش دلي سان قرباني ڪندا ڪريو ۽ اُن جي رت تي رضاءِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ ۽ اَجر جي اُميد رکو ڇاڪاڻ ته اها زمين تي ڪري چڪي هجي، ڇو جو اها الله عَزَّوَجَلَّ جي حفاظت ۾ ڪرندي آهي. ( العجم الاوسط ، الحديث: ٨٣١٩، ج٦، ص ١٤٨)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ياد رکو! جنهن شخص تي شَرعي اُصولن جي بنياد تي قرباني واجب آهي ان تي قرباني جي متعلق مسئلا سکڻ به لازم آهن. في زمانو علمِ دين کان دُوري جي سبب مسلمان ان اهم فريضي کي به جهڙو ان جو حق آهي، ادا نه ٿا ڪن، اسان جي معاشري جو هڪ تعداد اهڙو آهي جنهن جي ديني معلومات جو حال هي آهي ته هڪ ئي گهر ۾ رهڻ وارن مختلف مالڪِ نصاب فرد پوري گهر جي طرفان هڪ ئي ٻَڪرو قربان ڪري ڇڏيندا آهن ۽ قرباني جي لاءِ جانور ڪهڙو هئڻ گهرجي؟ يا ڪهڙي عيب جي سبب قرباني نه ٿيندي؟ انهن کي معلوم ئي نه هوندو آهي ۽ اهي قرباني ڪرڻ کان بعد ان خوش فهمي ۾ مبتلا رهندا آهن ته اسان به سُنّتِ ابراهيمي تي عمل ڪري ورتو ۽ اسان جو واجب ادا ٿي ويو. جڏهن ته انهن جي ذمّي واجب جي ادائيگي باقي رهندي آهي. ان لاءِ قرباني جي احڪامات جو علم هئڻ ضروري آهي. قرباني ۾ پيش اچڻ وارن مسئلن جي متعلق شيخِ طريقت،اميرِ اَهلسُنَّت،بانيِ دعوتِ اسلامي حضرت علامه مولانا اَبُو بلال محمدالياس عطّارقادري رَضَوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 48 صفحن تي مشتمل



www.dawateislami.net

رسالي ”**ابلق گهوڙي سوار**“ جو مطالعو بيحد مُفيد آهي. هر اسلامي ڀاءُ کي گهرجي تہ قرباني ڪرڻ کان پهريان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو ضرور هن رسالي جو مطالعو فرمائي وٺي. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ علمِ دين جو عظيم خزانو هٿ ايندو ۽ قرباني جي ڪيترن ئي مسئلن کان بہ آگاهي نصيب ٿيندي. قرباني جي متعلق مزيد معلومات جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب ”**بهارِ شريعت جلد** 3 **حصو** 15“ مان قرباني جي مسائل جو مطالعو ڪريو يا دارُ الافتاء اهلسُنّت سان رجوع ڪريو.

## قرباني جون کلون دعوتِ اسلامي کي ڏيو:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوت اسلامي**، دين جي خدمت جي تقريباً 97 شعبن ۾ سُنّتن جي خدمت ۾ مشغول آهي. انهن تمام شعبن کي هلائڻ جي لاءِ ڪروڙين روپيا خرچ ٿيندا آهن. اسان کي بہ ثواب جي خاطر **دعوتِ اسلامي** جي مدني ڪمن جي ترقي جي لاءِ پنهنجي گهر، رشتيدارن ۽ پاڙي وارن ۽ گڏوگڏ مختلف علائقن ۾ وجي **دعوتِ اسلامي** جي شعبن جو تعارف ڪرائيندي قرباني جي کلون جمع ڪرڻ جو ڀرپور ڪوشش بہ ڪرڻي آهي ۽ پنهنجن عزيزن ۽ رشتيدارن کي هي ترغيب بہ ڏيارڻي آهي تہ اهي بہ پنهنجي **قرباني جي جانورن جون کلون دعوتِ اسلامي** کي ڏئي ڪري نيڪي جي ڪمن ۾ اڳتي وڌي حصو وٺڻ جي سعادت حاصل ڪن. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

## بيان جو خلاصو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ اسان حضرت سَيِّدُنا ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي قربانين جي باري ۾ ٻڌو ۽ ضمنًا ان جي متعلق مدني گُل به حاصل ڪيا. پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام جن پنهنجي پوري زندگي اطاعتِ خداوندي ۽ رضاءِ الٰهي ۾ گذاري ڇڏي . وقت بوقت مصيبتن ۽ مشڪلاتن ڪي منهن ڏيڻو پيو پر پاڻ صبر ۽ شڪر ۽ رضاءِ الٰهي تي راضي رهڻ ڪي ترجيح ڏني ۽ ڪڏهن به پنهنجي زبان تي شڪايت جو جملو نه آندو. اسان ڪي به گهرجي ته پنهنجي زندگي ڪي اطاعتِ الٰهي ۾ گذاريون، هر معاملي ۾ نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سُنّتن جي پيروي ڪندا رهون. آزمائشن تي صبر ۽ نعمتون ملڻ تي شڪرِ الٰهي بجا آڻيون ته اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ٻنهي جهانن ۾ سعادتون اسان جو مقدر ٿينديون.

## مجلسِ مزاراتِ اولياءَ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰهِ عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي سڄي دنيا ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ، سنّتن جي خوشبو لٽائڻ ۽ علمِ دين جي روشني ڦهلائڻ ۾ مصروف آهي، دنيا جي تقريبًا 192 مُلڪن ۾ هن جو مدني پيغام پهچي چڪو آهي، سڄي دنيا ۾ مدني ڪم ڪي مُنظّم ڪرڻ جي لاءِ تقريبًا 95 ڪان وڌيڪ شعبا قائم آهن، اِنهن مان هڪ شعبو **”مجلسِ مزاراتِ اولياءَ“** به آهي. هِن مجلس جا ذميدار اسلامي ڀائر ٻين مدني ڪمن سان گڏوگڏ بُزُرگانِ دين جي مبارڪ مزارن تي حاضر ٿي مختلف ديني خدمتون سر انجام ڏيندا آهن، مثلاً: جيتريقدر ٿي سگهي صاحبِ مزار جي عُرس جي موقعي تي **اجتماعِ ذڪر و**



www.dawateislami.net

**نعت** جو انعقاد، مزارن سان مليل مسجدن ۾ عاشقانِ رسول جا **مدني قافلا** سفر ڪرائڻ ۽ بالخصوص عُرس شريف جي موقعي تي مزار جي چوڌيواري ۾ سنّتن ڀريا **مدني حلقا** لڳائڻ جن ۾ وُضُو، غسل، تيمُّم، نماز ۽ ايصالِ ثواب جو طريقو، مزارن تي حاضري جا آداب ۽ سرڪارِمدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون سُنّتون سيکاريون وينديون آهن ۽ گڏوگڏ دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماعن ۾ شرڪت، **مدني قافلن** ۾ سفر ۽ **مدني انعامات** تي عمل ڪرڻ جي ترغيب ڏياري ويندي آهي. عُرس جي ڏينهن ۾ صاحبِ مزار جي خدمت ۾ گهٽي کان گهٽا ايصالِ ثواب جا تحفا پيش ڪرڻ سان گڏ صاحبِ مزار بُزُرگ جي سجّاده نشين، خليفن ۽ مزارن جي متوَلّي صاحبان سان وقت بوقت ملاقات ڪري اُنهن کي دعوتِ اسلامي جي خدمتن، جامعة المدينه ۽ مدارسُ المدينه ۽ مُلڪ ۽ بيرونِ مُلڪن ۾ ٿيڻ وارن مدني ڪمن کان واقف ڪرائڻ وغيره. الله عَزَّوَجَلَّ **دعوتِ اسلامي** کي ترقي ۽ عُروج عطا فرمائي. اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

الله کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں
اے دعوتِ اسلامی تیری دُھوم مچی ہو

## 12 مدني ڪمن ۾ حصو وٺو!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان به سُنّتن جي خدمت جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ڪمن ۾ اڳتي وڌي حصو وٺو. ذيلي حلقي جا ٻارنهن مدني ڪم مسلمانن کي سُنّت جي راهه تي هلائڻ جي لاءِ وڏا مددگار آهن. هن 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم ”**مدرسةُ المدينه بالِغان**“ ۾ پڙهڻ پڙهائڻ به آهي.



www.dawateislami.net

قرآن پاڪ الله عَزَّوَجَلَّ جو مبارڪ ڪلام آهي، ان جو پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ٻڌڻ ٻڌائڻ سڀ ثواب جو ڪم آهي. پر ثواب ان وقت ملندو جڏهن دُرُست تَلَفّظ سان پڙهيو وڃي نہ تہ گهٽ ڪري ثواب جي بجاءِ ٻانهو عذاب جو مستحق بڻجي ويندو آهي. منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت، مُجَدّد دين ۽ ملت، پروانہء شمع رسالت، مولانا شاه امام احمد رضا خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الرَّحۡمٰن فرمائن ٿا: ”بيشڪ ايتري **تجويد** جنهن سان تَصحيحِ (تَصۡ. حِي. ح) حُروف ٿئي (يعني تجويد جي قاعدن جي مطابق حُروف کي دُرُست مخارج سان ادا ڪري سگهي) ۽ غلط خواني (يعني غلط پڙهڻ) کان بچي، فرضِ عين آهي.“ (فتاويٰ رضويه مُخَرَّجَه ج٦ ص ٣٤٣) قرآنِ ڪريم پڙهڻ ۽ پڙهائڻ ڪيتري قدر فضيلت وارو آهي. جيئن تہ نبيِّ مُڪرّم، نُورِ مُجسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مُعظَّم آهي ”خَيۡرُكُمۡ مَنۡ تَعَلَّمَ الۡقُرۡاٰنَ وَعَلَّمَهٗ“ يعني توهان مان بهترين شخص اهو آهي جيڪو قرآنِ پاڪ سکي ۽ سيکاري. (بخاري، ڪتاب فضائل القرآن، باب خيرڪم من تعلم القرآن...الخ، ٣/٤١٠،حديث:٥٠٢٧) **حضرت سيِّدُنا ابو عبدالرحمٰن سُلَمي** رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ مسجد ۾ قرآن پاڪ پڙهائيندا هئا، ۽ فرمائيندا هئا: انهي حديثِ پاڪ ئي مون کي هتي ويهاريو آهي.

(فَيضُ القدير ج 3 ص 618 تحت الحديث 3983)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** جيڪڏهن اسان بہ دُرُست مخارج ۽ قاعدن سان گڏ قرآن ڪريم پڙهڻ جا خواهشمند آهيون ۽ پڙهڻ بہ گهرجي تہ **مدرسة المدينہ (بالغان)** ۾ ضرور شرڪت ڪيو. اَلحَمۡدُلِلّٰهِ عَزَّوَجَلَّ مختلف جڳهن ۽ مسجدن وغيره ۾ عام طور تي نمازِ عشاء کان بعد هزارين **مدرسة المدينہ (بالغان)** جي ترڪيب هوندي آهي، جنهن ۾ وڏي عمر جا اسلامي ڀائر صحيح مخارج سان حروف جي ادائيگي سان گڏ قرآن ڪريم سکندا ۽ دعائون ياد ڪندا آهن، نماز وغيره دُرست ڪندا ۽ سُنّتن جي مفت تعليم حاصل ڪندا آهن. ان کان علاوه دنيا جي مختلف ملڪن ۾ گهرن جي اندر تقريبًا روزانہ



www.dawateislami.net

هزارين مدرسا **مدرسة المدينہ (براءِ بالغات)** جي نالي سان لڳايا ويندا آهن، جن ۾ اسلامي ڀينرون قرآنِ پاڪ، نمازن ۽ سُنّتن جي مفت تعليم حاصل ڪنديون ۽ دعائون ياد ڪنديون آهن. اَلۡحَمۡدُلِلّٰهِ عَزَّوَجَلَّ **مدرسة المدينہ (بالغان)** جي بَرَڪت سان ڪيترن ئي اسلامي ڀائرن جي اصلاح بہ ٿيندي آهي. اچو تہ انهيءَ حوالي سان هڪ ايمان افروز مدني بهار پڙهون ٿا.

## منهنجي زندگي ۾ بهار اچي وئي:

زم زم نگر، حيدرآباد (باب الاسلام، سنڌ) جي علائقي آفندي ٽاؤن جي هڪ مُقيم اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي: آئون هڪ فيشن پرست نوجوان هئس، دنيا جي موج مستي ۾ گُم، پنهنجي آخرت جي انجام کان غافل حياتي جا ڏينهن گذاري رهيو هئس تہ منهنجي سُتل قسمت جاڳي پئي، مون کي **مدرسة المدينہ (بالغان)** جون روحاني فضائون تہ ڇا مُيسَر آيون منهنجي تہ خوش بختي جي سفر جو آغاز ٿي ويو. **مدرسة المدينہ (بالغان)** جي برڪتن منهنجي دل کي خوفِ خدا ۽ عشقِ مصطفيٰ جي ڏيئي سان روشن ڪري ڇڏيو. ان ۾ مون کي قرآن جي تعليم سان گڏوگڏ سُنّتن تي عمل جو جذبو بہ مليو ۽ هفتيوار سُنّتن ڀريئي اجتماع ۾ شرڪت جي سعادت بہ نصيب ٿي. اَلۡحَمۡدُلِلّٰهِ عَزَّوَجَلَّ **مدرسة المدينہ (بالغان)** ۾ پڙهڻ جي برڪت سان منهنجي زندگي ۾ بهار اچي وئي، فيشن پرستي ۽ موج مستي کان نجات حاصل ٿي ۽ آئون **دعوتِ اسلامي** جي مهڪندڙ مهڪندڙ **مدني ماحول** سان وابستہ ٿي ويس. اَلۡحَمۡدُلِلّٰهِ عَزَّوَجَلَّ هي تحرير لکڻ وقت **مدني قافلہ** ذميدار جي حيثيت سان مدني ڪمن جون ڌومون مچائي رهيو آهيان.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

مدني اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان مَحَبّت ڪئي ان مون سان مَحَبّت ڪئي ۽ جنهن مون سان مَحَبّت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.

(مِشكاة المَصابيح ، ج١ ص٥٥ حديث ١٧٥ دارالكتب العلمية بيروت)

سینہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا　　جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مدني اسلامي ڀائرو! اڪثر ڪري اسان کي سفر جي ضرورت پيش ايندي آهي، تنهنڪري اسان ڪوشش ڪري سفر جون به ڪجھ نه ڪجھ سُنّتون ۽ آداب سکي وٺون ته جيئن ان تي عمل ڪري اسان پنهنجي سفر کي ثواب حاصل ڪرڻ جو ذريعو بڻائي سگھون. ❁ ممڪن هجي ته خميس جي ڏينهن سفر شروع ڪرڻ سُنّت آهي. (اشعة اللمعات، ج٥، ص١٦١) ❁ جيڪڏهن سهولت هجي ته رات جو سفر ڪيو وڃي جو رات جو سفر جلدي طيءِ ٿيندو آهي ❁ جيڪڏهن ڪجھ اسلامي ڀائر ملي ڪري مدني قافلي جي صورت ۾ سفر ڪن ته ڪنهن هڪ کي امير بڻائي وٺن. ❁ روانو ٿيڻ وقت عزيزن، دوستن کان قصور معاف ڪرايو ۽ جن کان معافي طلب ڪئي وڃي ان تي لازم آهي ته دل سان معاف ڪري ڇڏين. (بهارِ شريعت، حصه ٦، ص١٩) ❁ سفر جو لباس پائي جيڪڏهن مڪروه وقت نه هجي ته گھر ۾ (4) رڪعتون نفل "اَلْحَمْدُ وَقُلْ" سان پڙهي ٻاهر نڪرو، اهي رڪعتون واپسي تائين اهل ۽



www.dawateislami.net

مال جي نگهباني ڪنديون. ❁ اسان جڏهن به سفر تي روانا ٿيون ته اسان کي گهرجي ته اسان پنهنجي اهل ۽ مال کي الله عَزَّوَجَلَّ جي حوالي ڪري وڃون. بلڪ تي سگهي ته گهروارن کي هيٺ ڏنل ڪلمات چئي سفر تي روانا ٿيون. اَسْتَوْدِعُكَ اللهَ الَّذِیْ لَایُضِیْعُ وَدَائِعَهٗ- ترجمو: آئون توهان کي الله عَزَّوَجَلَّ جي حوالي ڪريان ٿو جيڪو سونپيل امانتن کي ضايع نه ڪندو آهي. (سنن ابن ماجه، كتاب الجهاد، باب تشبيع الغزوة ووداعهم، الحديث، ٢٨٢٥،ج٣،ص٣٤٢) ❁ واپار جي لاءِ سفر ڪرڻ وارن اسلامي ڀائرن کي گهرجي ته هي پنج سورتون پڙهي وٺن (١) قُلْ يٰۤاَيُّهَا الْكٰفِرُوْنَ آخر تائين (٢) اِذَا جَآءَ نَصْرُ اللّٰهِ وَالْفَتْحُ آخر تائين (٣) قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ آخر تائين (۴) قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ الْفَلَقِ آخر تائين (۵) قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ النَّاسِ آخر تائين ❁ جڏهن ڏاڪڻين تي چڙهو يا اونچي جڳهه جي طرف هلو، يا اسان جي بس وغيره ڪنهن اهڙي روڊ کان گذري جيڪو اونچائي جي طرف وڃي رهيو هجي ته "اَللّٰهُ اَكْبَرُ" چوڻ سُنّت آهي ۽ جڏهن ڏاڪڻين کان لهڻ يا لاهي (يعني هيناهين) جي طرف هلڻ وقت "سُبْحَانَ اللّٰهِ" چوڻ سُنّت آهي. ❁ مسافر کي گهرجي ته اهو دعا کان غفلت نه ڪري ڇو ته جيستائين سفر ۾ آهي ان جي دُعا قبول ٿيندي آهي بلڪ جيستائين گهر نه پهچي ان وقت تائين دعا مقبول آهي. ❁ منزل تي لهو ته وقت بوقت هي دعا پڙهو، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ هر نقصان کان بچندا. دعا هي آهي: اَعُوْذُ بِكَلِمَاتِ اللّٰهِ التَّآمَّاتِ مِنْ شَرِّمَا خَلَقَ ترجمو: الله عَزَّوَجَلَّ جي ڪلماتِ تام جي پناهه گهران ٿو ان جي شر کان جنهن ان کي پيدا ڪيو. (كنز العمال، كتاب السفر، الفصل الثاني في آداب السفر، الحديث ١٧٥٠٨،ج٦،ص٣٠١) ❁ سفر کان واپسي تي گهروارن جي لاءِ ڪو تحفو وٺي اچو جو هي سُنّت آهي. سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم



www.dawateislami.net

فرمايو: جڏهن سفر ڪان ڪو واپس اچي ته گهروارن جي لاءِ ڪجهه نه ڪجهه تحفو آڻي، چاهي پنهنجي جهولي ۾ پٿر ئي آڻي. (كنز العمال، كتاب السفر، الفصل الثاني في آداب السفر، الحديث ١٧٥٠٢، ج٦، ص٣٠١)

هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مكتبة المدينه** جا شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهار شريعت**" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "**سنتين اور آداب**" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو **دعوت اسلامي** جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سفر به آهي.

تين دن ہر ماہ جو اپنائے مَدَنی قافلہ
بے حِساب اُس کا خُدا یا! خُلد میں ہو داخلہ

صَلُّوا عَلَي الۡحَبِيۡب! صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلٰي مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمۡ وَبَارِكۡ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ النَّبِيِّ الۡاُمِّيِّ الۡحَبِيۡبِ الۡعَالِي الۡقَدۡرِ الۡعَظِيۡمِ الۡجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحۡبِهٖ وَسَلِّمۡ

بزرگن فرمايو آهي ته جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾



www.dawateislami.net

داخل ٿيندي وقت ٻہ اهو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن، (2)

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سيدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص اهو دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.(3)

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو اهو دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.(4)

## (4) ڇهہ لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْهَادِى ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهہ لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب

---

[2] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون،ص151ملخصًا

[3] ...افضل الصلوات على سيد السادات،الصلاة الحادية عشرة، ص 65

[4] ...القول البديع،الباب الثانى، ص277،



www.dawateislami.net

حاصل ٿيندو آهي. (5)

## (5)قُربِ مُصطَفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ کَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰی لَہٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي ۽ صِدّيقِ اکبر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جي وچ ۾ ويهاريو، ان تي صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡھم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اهو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ ايئن پڙهندو آهي.(6)

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنۡزِلۡہُ الۡمَقۡعَدَ الۡمُقَرَّبَ عِنۡدَکَ یَوۡمَ الۡقِیَامَۃِ

**شافعِ امم** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **جن جو** فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.(7)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

[5] ...افضل الصلوات على سيد السادات،الصلاة الثانية والخمسون،ص149

[6] ...القول البديع، الباب الاول، ص125

[7] ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١



www.dawateislami.net

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سيدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان رِوايت آهي ته سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: انهي درود شريف کي پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[8]

## (2) هر رات عبادت ۾ گذارڻ جو آسان نسخو

غرائب القرآن صفحه 187 تي هڪ روايت نقل ڪئي وئي آهي ته جيڪو شخص رات ۾ ٽي ڀيرا هي دعا پڙهندو ته ان جڻ شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو لهٰذا هر رات هي دعا پڙهڻ گهرجي. دعا هي آهي:

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

"يعني خداءِ حليم ۽ ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي." (فيضانِ سنّت ج اوّل، ص 1163، 1164)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

[8] … مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فی کيفية الصلاة…الخ،254/10،حديث:17305



www.dawateislami.net